SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1988

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1988

سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1988

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1988

سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988

THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[31 آگسٽ 1988]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

2. سنڌ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 جي دفعہ 2 جي شق (u) لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

"(u) 'يونيورسٽي' جڏهن بورڊس جي حوالي سان ڪراچيءَ لاءِ استعمال ٿيندو تہ ان جو مطلب ڪراچي يونيورسٽي، جڏهن حيدرآباد ۾ بورڊ جي حوالي سان استعمال ڪيو ويجي، تہ ان جو مطلب سنڌ يونيورسٽي ۽ جڏهن سکر جي بورڊ جي حوالي سان استعمال ڪيو ويجي تہ ان جو مطلب شاهہ عبداللطيف يونيورسٹي، خيرپور.

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.